# نماز جي اهميت

## ۽ نماز ۾ ٿيندڙ غلطين جي نشاندهي

06-July-2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# نماز جي اهميت ۽ نماز ۾ ٿيندڙ غلطين جي نشاندهي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

الله عَزَّوَجَلَّ جي مَحبُوب، داناء غُيوب، مُنَزَّہ عَنِ الْعُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اِرشادِ مُشڪبار آهي:”جنهن مون تي سو 100 ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهيو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نِفاق ۽ جهنّم جي باھ کان آزاد آهي ۽ اُن کي بَروزِ قِيامَت شهيدن سان گڏ رکندو. (مجمع الزوائد، ڪتاب الادعية،باب الصلاة علي النبي... الخ، ١٠/٢٥٣، حديث:١٧٢٩٨)

کیوں کہوں بیکس ہوں میں کیوں کہوں بے بس ہوں میں

تُم ہو میں تُم پر فِدا تُم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:**(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوْاللهَ , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## قبر ۾ باهه:

حضرت سيدُنا عَمرو بن دِينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مدينہ منوره ۾ هڪ شخص جي ڀيڻ فوت ٿي تہ ان کي تجهيز ۽ تکفين کان پوءِ دفن ڪيو ويو، ان جو ڀاءُ گهر پهتو تہ ياد آيو تہ هو درهمن جي ٿيلهي قبر ۾ وساري آيو آهي، ان پاڻ سان گڏ هڪ ماڻهو کي ورتو ۽ وڃي قبر جي مٽي پري ڪئي تہ ٿيلهي ملي وئي، پوءِ ان پاڻ سان گڏ همراهہ کي چيائين: توهان ٿورو پري ٿيو تہ مان پنهنجي ڀيڻ جو حال ڏسان. جيئن ان هڪ سر ڪنئي تہ ڏنائين قبر ۾ باهہ ڀڙڪي رهي هئي، هو قبر بند ڪري پنهنجي ماءُ وٽ آيو ۽ پنهنجي ڀيڻ جا احوال معلوم ڪيا تہ ماءُ ٻڌايو: توهان جي ڀيڻ نماز وقت گذاري پڙهندي هئي ۽ منهنجي خيال ۾ بي وضو بہ پڙهندي هئي ۽ پاڙيسرين (Neighbours) جي آرام جي وقت انهن جي دروازن تي ڪن لڳائي انهن جي (راز) (Secret) جون ڳالهيون ٻڌندي هئي.[1]

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيبِ!        صَلَّي اللّٰه تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ مسئلو بہ ٻڌي ونو تہ هن عبرت ناڪ حڪايت مان معلوم ٿيو تہ نماز ۾ سُستي ڪرڻ نهايت وڏو گناهہ آهي ۽ قبر جي عذاب جو سبب آهي اسان کي بہ پنجئي نمازون ذوق ۽ شوق سان مسجد ۾ باجماعت ادا ڪرڻ گهرجن ۽ نماز ۾ هرگز هرگز سستي نہ ڪرڻ گهرجي

1 موسوعة ابن ابی الدنیا،کتاب القبور،جامع ذکر القبور،۷۵/۶،حدیث:۹۷

www.dawateislami.net

چوته اها منافقن جي نشاني (Sign) آهي ته جڏهن منافق مؤمنن سان گڏ نماز جي لاءِ بيهندا آهن ته مريل دل سان ۽ سُستي سان بيهندا آهن چاڪاڻ ته انهن جي دلين ۾ ايمان ته هو ئي نه جنهن سان عبادت جو ذوق ۽ بندگي جو لُطف حاصل ٿئي ها، صرف ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ نماز پڙهندا هئا. اللهعَزَّوَجَلَّ انهن جي باري ۾ سيپاري 5سُورَةُ النِّسَاء آيت نمبر 142 ۾ ارشاد فرمايو:

وَاِذَا قَامُوْۤا اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰى **ترجمو كنز الايمان:** ۽ جڏهن نَماز تي أُٿندا آهِن ته ڀڳل دِل سان

تفسير صِراطُ الجنان ۾ هن آيتِ مباركہ جي تحت آهي ته نماز نه پڙهڻ يا صرف ماڻهن جي سامهون پڙهڻ جڏهن ته اڪيلائي ۾ نه پڙهڻ يا ماڻهن جي اڳيان خشوع و خضوع سان ۽ اڪيلائي ۾ جلدي جلدي پڙهڻ يا نماز ۾ هيڏانهن هوڏانهن خيال وني وڃڻ، دلجمعي جي لاءِ ڪوشش نه ڪرڻ وغيره سڀ سستي جون نشانيون آهن.(صراط الجنان،۲/۳۳۵) افسوس صد افسوس! اڄ اسان جي مُعاشري ۾ صرف سُستي ۽ ڪاهلي جي ڪري روز روز نمازون قضا ڪيون وينديون آهن جڏهن ته گناهن جي اِرتِڪاب جي لاءِ سُستي هڪدم چُستي ۾ بدلجي ويندي آهي. ڪي ماڻهو اهڙا پڻ آهن جو جڏهن انهن جي هڪ يا ڪجھ نمازون رهجي وينديون آهن ته هفتن جا هفته بلڪ مهينن جا مهينن تائين ڇاڻي واڻي نماز نٿا پڙهن ۽ جيڪڏهن ڪو اسلامي ڀاءُ اُنهن تي انفرادي ڪوشش ڪندي نمازن جي ترغيب ڏياري ته چوندا آهن "هاڻي اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ايندڙ جمعي ڪان ٻيهر نمازون پڙهڻ شُروع ڪندس يا رمضان ڪان باقاعده نمازن جو اهتمام ڪندس" ائين چڻ ڪنهن قِسم جي شرم ۽ جِهجڪ بنا وڏي بهادري سان مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ هن ڳالهه جو اِقرار ڪيو ويندو آهي ته نمازون ڇڏڻ جو اهو

ڪبيره گناهہ مان جُمُعي جي ڏينهن تائين يا رمضانُ المبارڪ تائين مُسلسل جاري رکندس. يقيناً اهو سڀ ڪجهه خوفِ خدا ۽ عِبادت جو شوق نہ هئڻ جو وبال آهي نہ تہ جنهن جي دِل ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف ۽ عِبادت جو ذُوق و شوق هوندو آهي اهو هر حال ۾ نمازن جي پابندي ڪندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪان بچندو آهي. ياد رکو! ڄاڻي واڻي نماز قضا ڪرڻ گناهہ ۽ جهنم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي. الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 16،سُورَہ مَريم جي آيت نمبر59 ۾ اِرشاد فرمائي ٿو:

فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾

(پ١٦،سوره مريم:٥٩)

**ترجمو ڪنز الايمان:** پوءِ انهن جي پنيان انهن جي جاءِ تي اهي نالائق آيا جن نمازون وڃايون ۽ پنهنجي خواهشن جي پنيان لڳا عنقريب پوءِ اهي دوزخ غيّ جو جهنگ ڏسندا.

## جهنم جي خوفناڪ وادي جو پوائتو کُوهه

بيان ڪيل آيتِ مبارڪ ۾ "غَيّ" جو تذڪرو آهي ۽ ان مان مراد جهنم جي هڪ وادي آهي. صَدرُ الشَّرِيعَہ بَدرُ الطَّرِيقَہ حضرتِ علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اَعظَمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: "غَيّ" جهنم جي هڪ وادي آهي جنهن جي گرمي ۽ اونهائي سڀ ڪان وڌيڪ آهي، ان ۾ هڪ کوهه جنهن جو نالو "هَبْ هَبْ" آهي، جڏهن جهنم جي باهہ وسامڻ تي ايندي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کوهه کي کولي ڇڏيندو آهي جنهن سان اها (جهنم جي باهہ) بدستور ڀڙڪڻ لڳندي آهي. الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو:

﴿ كُلَّمَا خَبَتْ زِدْنٰهُمْ سَعِيْرًا ﴿۹۷﴾ ﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** جڏهن بہ وسامڻ لڳو تہ اسان ان کي اڃان وڌيڪ ڀڙڪائينداسين. (پ١٥، بني اسرآئيل:٩٧) (مزيد فرمائن ٿا تہ) هي کوهه بي نمازين ۽

زانين ۽ شرابين ۽ وياج خورن ۽ ماءُ پيءُ کي ايذاء ڏيڻ وارن جي لاءِ آهي.

(بہارِ شریعت، ج۱، ص۴۳۴)

## جَهنَّم جو عذاب ۽ دُنيا جون تڪليفون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ غي جهنَّم ۾ هڪ وادي آهي جنهن جي اونهائي (Depth) ۽ گرمي سڀ کان وڌيڪ آهي ۽ جهنَّم جي باهہ جڏهن وسامڻ لڳندي آهي تہ ان وادي کي کوليو ويندو آهي جنهن سان جهنم جي باهہ ٻيهر ڀڙڪڻ لڳندي آهي. ٿورو سوچيو تہ هن خطرناڪ وادي ۾ جڏهن بي نمازي کي وڌو ويندو تہ ان جو ڇا ٿيندو. ياد رکو!جَهنَّم الله عَزَّوَجَلَّ جي قَهر ۽ غَضَب جو مَظهر آهي جهڙي طرح ان جي رَحمتن ۽ نِعمَتن جي ڪا اِنتها ناهي ۽ انساني عقل ان جو اندازو نٿي لڳائي سگهي، اهڙي طرح الله عَزَّوَجَلَّ جي قَهر ۽ غَضَب جي بہ ڪا حد ناهي هر اها تڪليف ڊِہ شيء جنهن جو تَصَوُّر ڪيو وڃي مثال طور ڪنهن آلي سان زنده انسان جا ننهن (Nail) ڇڪيا وڃن، ڪنهن تي چرين يا لنن سان ضَربون لڳائڻ، ڪنهن جي مٿي وزني گاڏي هلائي ان جون هڏيون ڇڪنا چُور ڪري ڇڏڻ، اَعضاء ڪٽي لوڻ مِرچ ٻرڪڻ، زنده کل (Skin) لاهڻ، بغير بي هوش ڪرڻ جي آپريشن ڪرڻ يا مختلف بيمارين جون تڪليفون مثال طور مٿي جو سور، بخار، پيٽ جو سور يا خَطَرناڪ بيماريون مَثال طور دل جو دورو (Heart attack) سَرَطان (ڪينسر) گُردي جي پٿري جو درد، خارش، شديد گهبراهٽ وغيره وغيره جون بہ بيماريون يا دنيوي مصيبتون ۽ آلام

جنهن جو تَصَوُّر مُمڪن آهي اهو جَهنَّم جي تڪليفن جي مقابلي ۾ نِهايت ئي معمولي آهن. اَلغَرض دُنيا جي سموريون بيماريون ۽ مُصيبتون ڪنهن هڪ شَخص تي گڏ ٿي وڃن پوءِ بہ جَهنَّم جي سڀ کان هلڪي عذاب جي برابر نٿيون ٿي سگهن.

## جَهنَّم جو سڀ کان هلڪو عذاب

جهنم جو سڀ کان هلڪو عذاب ڪهڙو آهي هن باري ۾ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌو: جنهن کي جَهنَّم جو سڀ کان هلڪو عذاب ٿيندو ان کي باهہ جون جوتيون پارايون وينديون، جنهن سان ان جو دِماغ ائين ٽهڪندو جيئن ٽامي جي ڪيٽلي ٽهڪندي آهي، هو سمجهندو تہ سڀ کان وڌيڪ عذاب مون تي ئي ٿي رهيو آهي حالانڪ ان تي سڀ کان هلڪو عذاب آهي.

(صحیح مسلم، ص ۱۱۱، الحدیث ۵۱۷، ملتقطاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهنم جي عذاب کان ڊڄي وڃو، پنهنجي ڪمزور جسمن تي ترس کائو، سُستي پري ڪيو ۽ گناهن کان بچندي نمازن جو اِهتِمام شروع ڪري ڇڏيو. انتهائي افسوس ناڪ ڳالهہ هي آهي تہ فضول ڳالهين ۽ ڪمن ۾ مشغول رهي نمازون قضا ڪندا آهن پر ان جو احساس تائين ناهي ٿيندو تہ اسان مسلسل اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪري رهيا آهيون. هو رب عَزَّوَجَلَّ تہ اسان کي ڏينهن رات گهڻيون نعمتون بنا گهري عطا ڪري رهيو

www.dawateislami.net

آهي پر اسان کي سڄي ڏينهن ۾ صرف پنج وقت ان جي بارگاهه ۾ سجدو ڪرڻ جي توفيق نصيب ناهي ٿيندي. افسوس ته اسان دنياوي بيمارين، پريشانين ۽ تڪليفن کان بچڻ جي لاءِ ماڻهن جا ٻڌايل اَوراد وظائف ته هڪدم شُروع ڪندا آهيون پر جنهن رَبّ قرآنِ پاڪ ۾ سوين ڀيرا نماز جو حڪم ڏنو آهي اسان هڪ ڀيري به ان جي حڪم جي پيروي نٿا ڪيون، افسوس ته اسان قبر جي عذابن، جهنم جي هولناڪين ۽ قيامت جي وحشتن جو ٻڌي به غفلت جي ننڊ ستل آهيون.

ياد رکو! هر عاقِل، بالِغ مرد ۽ عورت مُسلمان تي روزانو پنج وقت جي نماز فَرض آهي، جيڪو نماز کي فَرض نه مڃي اهو دينِ اسلام کان خارج آهي توڙي جو ان جو نالو ۽ ان جا پيا ڪم مسلمانن وارا ئي ڇو نه هجن. ۽ جيڪو نماز کي فَرض ته مڃي پر هڪ نماز به ڄاڻي واڻي ڇڏي ته هو سخت فاسِق ۽ گُنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار آهي. اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسنّت مولانا شاه امام اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن قصداً (يعني ڄاڻي واڻي) هڪ وقت جي (نماز) ڇڏي هزارين سال جهنَّم ۾ رهڻ جو حقدار ٿيو، جيستائين توبه نه ڪري ۽ ان جي قضا نه ڪري وٺي.(فتاوي رضويه ،ج٩ص،١٥٨) هن مان اندازو لڳايو ته جڏهن هڪ نماز کي ڄاڻي واڻي ڇڏڻ تي هزارين سالن تائين جهنم ۾ رهڻو پوندو ته جيڪو شخص سڄي ڏينهن جون تمام نمازون ڄاڻي واڻي ڇڏي ڏيندو هجي بلڪ بلڪل ئي نماز نه پڙهندو هجي ته اهو ڪيتري

www.dawateislami.net

قدر سخت عذاب جو شڪار ٿيندو. ۽ ياد رکو! جاڳي واٽي نماز ڇڏڻ واري ڪان ته خود شيطان به پناهه گهرندو آهي، جيئن

مَنقُول آهي ته هڪ شَخص جنگل (Jungle) ۾ وڃي رهيو هو ته شيطان به ان سان گڏجي ويو ان شَخص سڄي ڏينهن ۾ هڪ به نماز نه پڙهي ايستائين جو رات ٿي وئي شيطان ان ڪان ڀڄڻ لڳو، ان شَخص حيران ٿي ڀڄڻ جو سبب پڇيو: ته شيطان چيائين:" مون سڄي عمر ۾ صرف هڪ ڀيري آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي سَجدو ڪرڻ جو اِنڪار ڪيو ته مَلعُون ٿي ويس ۽ تو اڄ پنج ئي نمازون ڇڏي ڏنيون آهن مون کي خوف ٿئي پيو ته ڪٿي تو تي قَهر نه نازل ٿئي ۽ مان به ان ۾ نه ڦاسي وڃان. (دُرَّةُ النَّاصِحين، ص۱۴۴، ملخصًا)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي به نماز جي پابندي ڪندي پنجئي نمازون مسجد جي پهرين صف ۾ باجماعت ادا ڪرڻ گهرجن. اچو! عذابِ الٰهي ڪان پاڻ کي ديڄارڻ ۽ نمازن جي عادت بنائڻ جي لاءِ نماز نه پڙهڻ جون ڪجهه وعيدون ٻڌون ٿا.

1. حضرت سيدنا ابو درداء رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْه ارشاد فرمائن ٿا: منهنجا خليل صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن مون کي وصيت فرمائي ته "ڪنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جو شريڪ نه ڪجان جيتوڻيڪ توکي ٽڪر ٽڪر ڪيو وڃي يا ساڙيو وڃي، فرض نماز جاڳي واٽي نه ڇڏجان ڇاڪاڻ ته جيڪو جاڳي واٽي نماز ڇڏي ڏيندو آهي ان

www.dawateislami.net

تان امان کنئي ويندي آهي ۽ شراب هرگز نہ پيئجان ڇوتہ اها هر برائي جي جڙ آهي. (ابن ماجه، ابواب الاشربة ، با ب الخمر مفتا ح کل شر، الحديث ۴۰۳۴، ص۲۷۲۰)

2. ارشاد فرمايائون: جنهن نماز ڇڏي ڏني تہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ سان ان حال ۾ ملندو جو هو ان تي غضب فرمائيندو.(مجمع الزوائد، کتاب الصلاة،باب في تارک الصلاة،الحديث:۱۶۳۲،ج ۲،ص ۲۶)

3. ارشادفرمايائون: جنهن نماز ڇڏي ان پنهنجي اهل وعيال ۽ مال کي گهٽائي ڇڏيو.( کنز العمال ،کتاب الصلاة ، التر هيب عن ترک الصلاة ، الحديث ۱۹۰۸۵ ، ج۷، ص ۱۳۲ )

4. ارشاد فرمايائون: جنهن ڄاڻي واڻي نماز کي ڇڏي ڏنو تہ بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ جو ذمّو ان کان بري آهي. (معجم الکبير،۱۲/ ۱۹۵،حديث:۱۳۰۲۳)

مشهور مفسرِ قرآن ،حکيمُ الامت مُفتي احمديارخانرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: بي نمازي الله جي امان ۾ ناهي رهندو. نماز جي برکت سان انسان دنيا ۾ آفتن کان، مرڻ وقت خرابي خاتمي کان، قبر (جي امتحان) ۾ فيل ٿيڻ کان، حشر ۾ مصيبتن کان بفضلہٖ تعاليٰ امن ۾ رهندو آهي.(مراٰۃالمناجيح،۱/ ۷۹)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِيب!    صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نمازن جي معاملي ۾ غفلت ڪرڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضي، جهنم جي حقداري ۽ اهل و مال ۾ بي برڪتي جو سبب آهي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي نمازن جي پابندي ڪرڻ جو حڪم ڏيندي سيپاري 2سُوْرَةُ الْبَقَرہ جي آيت نمبر238 ۾ ارشادفرمائي ٿو:

حٰفِظُوْا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَ الصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى ۗ وَقُوْمُوْا لِلّٰهِ قٰنِتِيْنَ ﴿۲۳۸﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** مڙني نمازن جي ۽ وچين ۽ نماز جي نگهباني ڪريو ۽ الله جي حضور ۾ ادب سان بيهو. -

نماز جي اهميت جو اندازو هن ڳالهه مان به ٿئي ٿو ته الله عَزَّوَجَلَّ جا پيارا نَبي حَضرتِ سَيدُنا اِبراهيم خَلِيلُ الله عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پاڻ لاءِ پنهنجي اَولاد جي لاءِ نماز قائم رکڻ جي باقاعده دُعا به فرمائي جنهن جو تَذکرو سيپارو 13 سُوره اِبراهيم جي آيت نمبر 40 ۾ ائين آهي:

رَبِّ اجْعَلْنِىْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ وَمِنْ ذُرِّيَّتِىْ ۖ رَبَّنَا وَتَقَبَّلْ دُعَآءِ ﴿۴۰﴾

۽ قيامت جي ڏينهن به سڀ کان پهرين نماز جي باري ۾ ئي سوال ڪيو ويندو. جيئن ته حديثِ پاڪ ۾ آهي: ’’ اَوَّلُ مَايحَاسَبُ بِهِ الْعَبْدُ يَوْمَ الْقِيامَةِ صَلَاتُه يعني سڀاڻي قيامت جي ڏينهن بانهي کان سڀ کان پهريان ان جي نماز جي باري ۾ سوال ٿيندو. علامه عبد الرؤف مناوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: بيشڪ نماز ايمان جي علامت ۽ عبادت جي اصل آهي. (التيسير شرح جامع الصغير،۳۹۱/۱) نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ هڪ شخص حاضر ٿي ٿي پيرا سڀ کان افضل عمل جي باري ۾ سوال ڪيو ته رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٽئي پيرا اهو ئي جواب ڏنو ته نماز سڀ کان افضل عمل آهي .(مسند امام احمد، مسند عبدالله بن عمرو بن العاص، ۵۸۰/۲، حديث:۶۶۱۳،ملخصاً)

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ نماز ايتري قدر اَهم عبادت آهي جو قرآنِ پاڪ ۾ ان جي پابندي جو حڪم ڏنو ويو آهي، تنهنڪري اسان کي ٻہ نماز جي اَهميت کي سمجهندي نہ صِرف پاڻ پنجئي نمازون پابندي سان مَسجِد جي پهرين صَف ۾ تڪبيرِ اُوليٰ سان باجماعت اَدا ڪرڻ گهرجن بلڪ پنهنجي سمجهدار ٻارن کي ٻہ گڏ وٺي وڃڻ گهرجي. ياد رکو! جيڪڏهن اسان نمازن جي پابندي سان گڏوگڏ پنهنجي سمجهدار ٻارن کي ٻہ مَسجِد وٺي ويندا سين تہ انهن جا ننڍڙا ذِهن ننڍپڻ کان ئي نمازن ڏانهن راغب ٿيڻ لڳندا ۽ پوءِ وڏا ٿي ڪري اهي بہ نمازن جا عادي بڻجي ويندا، ڇوتہ جيڪا ڳالهہ ٻارن جي ذِهن ۾ ننڍپڻ کان ئي ويهي رهي فِطري طور تي وڏو ٿيڻ تي بہ اها ڳالهہ انهن جي ذِهنن ۾ راسخ (پُختہ )هوندي آهي .

## نماز جي باري ۾ 4 فرمانِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نماز جي اهميت ڄاڻڻ کان پوءِ بہ جيڪڏهن ڪو نہ پڙهي تہ وڏو نادان ۽ پنهنجي هٿن سان جهنم ۾ وڃڻ جو سامان ڪرڻ وارو آهي، حالانڪ نماز پڙهڻ دُنيا ۽ آخرت جي سَعادَتن جو ذريعو آهي. قُرآنِ پاڪ ۾ مختلف هنڌن تي نہ صرف نماز جو حڪم ڏنو ويو آهي بلڪ اجر ۽ ثواب بيان ڪري ان جي ترغيب بہ ڏياري وئي آهي. اچو هن باري ۾ ٽي (3)فرمانِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ٻڌون، جيئن سيپاري 6 سُورَةُ النّساء جي آيت نمبر 162 ۾ ارشاد آهي:

وَ الْمُقِیْمِیْنَ الصَّلٰوةَ وَ الْمُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ الْمُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْیَوْمِ الْاٰخِرِؕ اُولٰٓىٕكَ سَنُؤْتِیْهِمْ اَجْرًا عَظِیْمًا۠ (۱۶۲) (پ٦، النساء: ١٦٢)

**ترجمو كنزالايمان**: ۽ نماز قائم رکندڙ ۽ زکوٰت ڏيندڙ ۽ الله ۽ قيامت تي ايمان آڻيندڙ ، اهڙن کي عنقريب اسان وڏو ثواب ڏينداسين.

سيپاري 9سُوْرَةُ الْاَنْفَال جي آيت نمبر 3 ۽ 4 ۾ ارشاد آهي:

الَّذِیْنَ یُقِیْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ یُنْفِقُوْنَؕ (۳) اُولٰٓىٕكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّاؕ لَهُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَ مَغْفِرَةٌ وَّ رِزْقٌ كَرِیْمٌۚ (۴)

**ترجمو كنز الايمان:** اُهي جيڪِي نَماز قائم رکن ۽ اسان جي ڏِني مان کُجھ اسان جِي راهه ۾ خرچ ڪن. اِهي ئي سچا مُسلمان آهِن اُنهن جي واسطي درجا آهِن اُنهن جي رب وٽ ۽ بخشِش آهي ۽ عزت جِي روزِي.

سيپاري 6 سُورَةُ الْمَائِده جي آيت نمبر 12 ۾ اِرشاد آهي:

لَىٕنْ اَقَمْتُمُ الصَّلٰوةَ وَ اٰتَیْتُمُ الزَّكٰوةَ وَ اٰمَنْتُمْ بِرُسُلِیْ وَ عَزَّرْتُمُوْهُمْ وَ اَقْرَضْتُمُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا لَّاُكَفِّرَنَّ عَنْكُمْ سَیِّاٰتِكُمْ وَ لَاُدْخِلَنَّكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُۚ (پ6، المائدہ: 12)

**ترجمو كنز الايمان:** ۽ الله فرمايو ضرُور جيڪڏهن توهان نَماز قائم رکو ۽ زکوات ڏِيو ۽ مُنهنجي رسُولن تي اِيمان آڻيو ۽ اُنهن جِي تعظيِم ڪريو ۽ الله کي قرضِ حسن ڏِيو (ف٤٢) بيشڪ مان توهان جا گُناهه لاهي ڇڏِيندس ۽ ضرُور توهان کي باغن ۾ وٺي ويندُس جن جي هينان نهرُون جارِي آهِن

سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ ! نمازين جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ ڪهڙا ڪهڙا عظيمُ الشان اِنعامات آهن جو ڪٿي انهن کي جَنَّت ۽ مَغفِرت جون بِشارتون ڏنيون

پيون وڃن، ته ڪٿي اَجرِ عَظِيم جي نَويديون (خُوشخبريون) ٻڌايئون پيون وڃن، اَحاديثِ مُبارَڪ ۾ به نماز جي تمام گهڻي اَهميت ۽ رَغبَت ڏياري وئي آهي. جيڪڏهن اسان نماز جو وقت ٿيندي ئي پنهنجا سمورا دُنيوي ڪم ڪار ڇڏي نماز جي تياري ۾ مَصروف ٿي وڃون ۽ نِهايت خُشُوع و خُضُوع سان باجماعت نماز اَدا ڪريون ته ان جي برڪت سان جتي دُنيا جون ڪوڙ پلائيون نصيب ٿينديون اتي ان جو هڪ اُخرَوِي فائدو هي به حاصل ٿيندو ته سڀاڻي بروزِ قِيامَت اها ئي نماز اسان جي نَجات ۽ مَغفِرت جو سبب بڻجي ويندي. جيئن ته

## خُشُوع و خُضُوع سان نماز پڙهڻ واري جي مَغفِرت

نَبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنج نمازون فَرض ڪيون آهن، جيڪو انهن جي لاءِ بهتر طَريقي سان وضو ڪري ۽ انهن کي انهن جي وَقت ۾ اَدا ڪري ۽ انهن جا رُڪوع ۽ سُجود، خُشُوع سان پورا ڪري ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذمّہ ڪرم تي آهي ته ان جي مَغفِرت فرمائي ڇڏي ۽ جيڪو انهن کي اَدا نه ڪندو ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذِمّي ان جي لاءِ ڪجهه ناهي، چاهي ته ان کي مُعاف ڪري ڇڏي ۽ چاهي ته ان کي عَذاب ڏئي. (سنن ابوداؤد، ڪتا ب الصلوة ، با ب المحا فظة علي وقت الصلوات، رقم ۴۲۵، ج۱، ص ۱۸۶)

## نماز سان گُناه ڌوپجي ويندا آهن:

جيڪو خوش نصيب اسلامي ڀاءُ پنج نمازون پڙهندا آهن ته ان جا سمورا

گناهه مٽايا ويندا آهن، جيئن ته تاجدارِ رِسالَت، شَهنشاهه نُبُوَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪڏهن توهان مان ڪنهن جي صِحن ۾ نهر هجي، هر ڏينهن هو پنج ڀيرا ان ۾ غُسل ڪري ته ڇا ان تي ڪجهه مَير رهجي ويندو ؟ ماڻهن عَرض ڪيو: جي نه. پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: نماز گُناهن کي ائين ئي ڌوئي ڇڏيندي آهي جيئن پاڻي مَير کي ڌوئيندو آهي-

(سنن ابن ماجه،ج٢،ص١٦٥، حديث١٣٩٧)

## هر نماز اڳوڻن گُناهن جو ڪفّارو آهي

جيڪي خوش نصيب اسلامي ڀائر نمازن جا عادي هوندا آهن جيڪڏهن بتقاضاءِ بشريت انهن کان هڪ نماز کان ٻي نماز جي وچ واري وقفي ۾ گناهه سرزد ٿي وڃن ته ٻي نماز انهن گناهن جو ڪفارو بڻجي ويندي آهي يعني ٻنهي نمازن جي وچ ۾ جيڪي گناهه ٿيا الله عَزَّوَجَلَّ معاف ڪندو آهي، جيئن ته حَضرتِ حارثرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه روايت ڪن ٿا ته حَضرتِ عُثمان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه هڪ ڏينهن تَشرِيف فرما هئا ۽ اسان به وٽن هئاسين ته مُؤذِن اچي ويو، حَضرتِ عُثمانرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه پاڻي گهرائي وضو ڪيو، پوءِ فرمايائون ته مون مَدني تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اهڙي طَرح وضو ڪندي ڏٺو آهي ۽ مون سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي هي اِرشاد فرمائيندي ٻڌو ته جيڪو شَخص منهنجي هن وضو وانگر وضو ڪري پوءِ هو ظُهر جي نماز پڙهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان جي گُناهن کي مُعاف ڪندو آهي يعني اهي گُناهه جيڪي فَجر جي نماز ۽ ان ظُهر جي

نماز جي وچ ۾ ٿيا، پوءِ جڏهن عَصر جي نماز پڙهندو آهي ته ظُهر ۽ عَصر جي وچ وارن گُناهن کي مُعاف ڪندو آهي، پوءِ جڏهن مَغرب جي نماز پڙهندو آهي ته عَصر ۽ مَغرب جي وچ جي گُناهن کي مُعاف ڪندو آهي، پوءِ عشاء جي نماز پڙهندو آهي ته ان جي ۽ مَغرب جي وچ وارن گُناهن کي مُعاف ڪندو آهي، پوءِ ٿي سگهي ٿو ته سجي رات هو ليٽي ئي گُذاري ڇڏي ۽ پوءِ جڏهن اُٿي وُضو ڪري ۽ فَجر جي نماز پڙهي ته عِشاء ۽ فَجر جي وچ جي گُناهن جي بَخشش ٿي ويندي آهي ۽ هي ئي اهي نيڪيون آهن جيڪي بُرائين کي پري ڪنديون آهن. (الاحاديث المختارة،ج۱،ص۴۵۰،حديث ۳۲۴,ملتقطا)

## نماز ۾ شفا آهي

جيڪو خوش نصيب اسلامي ڀاءُ پنج نمازون ادا ڪن ٿا الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان انهن کي بيمارين کان شفا عطا ڪندو آهي. اڄ اسان وٽ اهڙيون نيون نيون بيماريون ظاهر ٿي رهيون آهن جنهن جو اڄ کان پهريان تائين نالو تائين نہ ٻڌو هو، انهن جي علاج معالجي جي لاءِ لکين روپيا خرچ ڪرڻ جي باوجود بہ بيماريون وڌنديون پيون وڃن، جيڪڏهن اسان الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانن تي عمل ڪندي نماز جي پابندي شروع ڪري ڇڏيون تہ اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ بيمارين کان نجات ملي سگهي ٿي.جيئن تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي:اِنَّ فِي الصَّلٰوةِ شِفَاءً: بيشڪ نماز ۾ شفاء آهي .(سنن ابن ماجه، باب الصلاة شفاء، ج۴، ص۹۸،الحديث: ۳۴۵۸) تنهنڪري اسان کي

ڪپي ته بيمار هجون يا تندرست هر حال ۾ نه صرف پاڻ نماز جي پابندي ڪريون بلڪ پنهنجي اهل وعيال کي به نماز جو عادي بڻايون.

## روزي ۾ برڪت

جيڪي خوش نصيب اسلامي ڀائر پنج نمازون ادا ڪن ٿا الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي روزي ۾ برڪت وجهندو آهي. اڄ جي هن پُرفتن دَور ۾ هر شخص مال ڪمائڻ جي ڌُن ۾ لڳل آهي پر سڄو سڄو ڏينهن مال ڪمائڻ کان پوءِ به هر هڪ اهو ئي شڪوه ڪٽي وينو آهي ته ايترا پيسا ڪمايان ٿو پوءِ به برڪت ناهي ٿيندي. ياد رکو! پنج نمازن جي ادائيگي ۽ ان ۾ خشوع وخضوع ۽ تعديلِ ارڪان جو لحاظ رکندي واجبات، سنن ۽ آداب جو پوري طرح لحاظ رکڻ رِزق ۾ خيرو برڪت جو ذريعو آهي.(1)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن وسُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي اسان کي پنجئي نمازون پابندي سان باجماعت پڙهڻ جو ذهن ڏيندي آهي اوهان به دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي پاڻ به نماز جا عادي بڻجي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺندي ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو. ذيلي حلقي جي 12مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”صداءِ مدينه“ به آهي.

1 ...راهِ علم، ص۱۰۵ ماخوذاً

www.dawateislami.net

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "صداءِ مدينہ"

صداءِ مدينہ ڇا آهي؟ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ فجر نماز جي لاءِ مسلمانن کي جڳائڻ کي صداءِ مدينہ چوندا آهن ۽ هي اهو عظيم ڪم آهي جو صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان اختيار ڪيو، اهي حضرات پنهنجي گهر وارن کي نماز جي لاءِ جڳائيندا هئا جيئن تہ حضرت سَيِدُنا عبدُ الله بن عُمَر رَضِىَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهما فرمائن ٿا تہ منهنجا والِدِ مُحتَرَم اَمِيرُ المُومِنِين حضرت سَيِدُنا عُمَر فَارُوقِ اَعظَم رَضِىَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْه رات ۾ جيتري قَدر ربّ تعاليٰ چاهي، نماز پڙهندا هئا، ايستائين جو جڏهن رات جو آخري وَقت هوندو هو تہ پنهنجي گهر وارن کي بہ نماز جي لاءِ جڳائيندا هئا ۽ انهن کي فرمائيندا هئا: اَلصَّلٰوة يعني نماز. پوءِ اها آيت مُبارَڪ تِلاوَت ڪندا هئا:

وَ اْمُرْ اَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَ اصْطَبِرْ عَلَيْهَا ؕ لَا نَسْـَٔلُكَ رِزْقًا ؕ نَحْنُ نَرْزُقُكَ ؕ وَ الْعَاقِبَةُ لِلتَّقْوٰى ﴿۱۳۲﴾ (پ١٦،طٰہٰ:١٣٢)

ترجموڪنزالايمان: ۽ پنهنجي گهر وارن کي نماز جو حُڪم ڏي ۽ پاڻ اُن تي ثابت رهہ اسان توکان ڪا روزِي نہ ٿا گُهرُون پاڻ اسان توکي روزِي ڏينداسين ۽ چڱي پڇاڙِي پرهيزگارن جي واسطي آهي.

(مشكاة المصابيح،كتاب الصلاة،باب التحريض...الخ،الفصل الثالث،١/٢٣٣، حديث:١٢٤٠)

اچو! ترغيب لاءِ صداء مدينہ لڳائڻ جي هڪ مختصر مَدَني بَهار ٻڌون ٿا ۽ صداء مدينہ لڳائڻ جي نِيت ڪيو، جيئن

## فيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين ملي وئي

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: دعوتِ اسلامي جي مَدَني قافلي سان گڏ اسان هڪ شهر ۾ وياسين، اَذانِ فَجر کان بعد اسان صداء مدينہ لڳائيندي وڃي رهيا هئاسين تہ اوچتو هڪ گهر مان هڪ ماڊرن (Modern) نوجوان اسان سان گڏ شامِل ٿيو ۽ ان فَجر جي نماز مسجد ۾ باجماعت ادا ڪئي. بعد ۾ ان

www.dawateislami.net

نوجوان جو والِد مَدَني قافلي وارن سان ملڻ جي لاءِ آيا، هو مالدار هئا. انهن اچي ٻڌايو تہ صداءِ مدينہ جي بَرَڪت سان منهنجو نافرمان ماڊرن (Mordern) ٻي نمازي پٽ پنج وقت نماز پڙهڻ لڳو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ماڊرن نوجوان جي والِد مُتَاَثِر ٿي ان شهر ۾ مَدَني مرڪز فيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين ڏني.

صدائے مدینہ دوں روزانہ صدقہ    ابُو بکر و فاروق کا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!    صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نماز ڪيتري پياري عبادت آهي ۽ ان جا ڪيتري قدر فضائل آهن جو نماز دين جو ٿنڀ آهي ،نماز بيمارين کان بچائي ٿي ،نماز روزي ۾ برڪت جو سبب آهي ۽ عذابِ قبر کان بچائڻ سان گڏوگڏ اونداهي قبر جو چراغ بہ آهي.قرآن ۽ حديث ۾ جتي بہ نماز جي اَدائيگي جو حڪم آهي ان مان مُراد نماز کي سيني فرض ۽ واجِبن سان گڏ اَدا ڪرڻ آهي. ۽ مردن جي لاءِ نماز جي واجِبات مان هي بہ آهي تہ ان کي باجماعت پڙهيو وڃي. احاديثِ مبارڪہ ۾ جماعت سان گڏ نماز پڙهڻ جون گهڻيون فضيلتون بيان ٿيون آهن، اچو! ترغيب جي لاءِ ٽي فرمانِ مصطفٰي ٻڌون ٿا،

1. باجماعت نماز پڙهڻ اڪيلي پڙهڻ کان سَتاويهہ پيرا وڌيڪ آهي.(بخاري،ڪتاب الاذان ، باب فضل صلوٰة الجماعة، ۲۳۲/۱،حديث:۶۴۵)

2. ارشاد فرمايائون: ”جنهن ڪامل وضو ڪيو، پوءِ فرض نماز جي لاءِ هليو ۽ امام سان گڏ نماز پڙهي، ان جا گناهہ بخشيا ويندا آهن.“(شعب الايمان، باب العشرون من شعب الايمان وهو باب في الطهارة، ۹/۳، الحديث: ۲۷۲۴)

3. ارشاد فرمايائون: جڏهن ٻانهو با جماعت نماز پڙهي پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجي حاجت جو سوال ڪري ته الله عَزَّوَجَلَّ هن ڳالهه کان حيا ڪندو آهي ته ٻانهو حاجت پوري ٿيڻ کان پهريان واپس موٽي اچي. (حلية الاولياء،مسعر بن كدام ، ۲۹۹/۷،حديث:۱۰۵۹۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي ٻه پنج ئي نمازون باجماعت مسجد ۾ ادا ڪرڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي، اوهان ڏٺو هوندو ته ڪيئي معذور ۽ وڏي عمر وارا ماڻهو باجماعت نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ وڏي مشڪل سان هلي مسجد ڏانهن ايندا آهن ۽ جيئن انهن کي آساني ٿيندي آهي نماز پڙهي وڃندا آهن جيڪڏهن اهي ايتري مشقت سهڻ جي باوجود جماعت سان نماز پڙهڻ کي ترجيح ڏئي سگهن ٿا ته اسان کي ته بدرجه اولي باجماعت نماز ادا ڪرڻ گهرجي. اڄ اسان دنيوي اعتبار سان ته هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا مثال طور ڪنهن جو عاليشان بنگلو ڏٺو ته ان جهڙو بڻائڻ جي خواهش، ڪنهن کي عمده ڪپڙي جو شاندار لباس پاتل ڏٺو ته اهڙو پائڻ جي خواهش، ڪنهن جي نئي چمڪندڙ ڏمڪندڙ ڪار ڏسي دِل کي وٽڻ، ڪنهن جو ڪامياب ڪاروبار(Business) ڏٺو ته وات ۾ پاڻي اچڻ ، اَلغَرَض! اسان دنيوي مال ۽ دولت جي مَحَبَّت جا اهڙا حريص ٿي چڪا آهيون جو ڏينهن رات

آهون پرندا آهيون ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون ڪرڻ کان ٿڪبا نه آهيون. اي ڪاش! ڪنهن کي نيڪيون ڪندي ڏسي اسان به نيڪ اعمال ڪرڻ جي حرص ۾ مبتلا ٿي وڃون، اي ڪاش! ٻين کي مسجد ڏانهن ويندي ڏسي اسان کي به پنجئي نمازون باجماعت ادا ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿي وڃي، ٻين کي مسجد سان محبت ڪندو ڏسي اسان به مسجد سان محبت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون! اسان جي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه وڏا وڏا سفر ڪيا ۽ سفر جي مَشقّتون ۽ صُعُوبتون برداشت ڪندي به نماز ڇڏڻ تي پري رهيو پر پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هميشه جماعت سان ئي نماز ادا فرمائي. اچو هن باري ۾ اعليٰ حضرت امام احمد رضاخان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿا:

## اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي نماز سان محبت

ٻاونجها (52) سالن جي عمر ۾ جڏهن ٻئي ڀيري حج جي سفر لاءِ روانا ٿيا، مَناسڪ حج اَدا ڪرڻ کان پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اهڙا بيمار ٿيا جو ٻن مهينن کان وڌيڪ بستر تي رهيا، جڏهن ڪجهه صحتياب ٿيا ته زيارتِ روضه اَنور جي لاءِ تياري ڪري "جَدّه شريف" کان ٿيندي ڪشتي جي ذريعي تي (3) ڏينهن کان بعد "رابغ" نالي هڪ هنڌ پهتا، ۽ اتان کان مدينةُ الرَّسول جي لاءِ اُٺ جي سُواري ڪئي، انهيءِ راهه ۾ جڏهن "بيرِ شيخ" پهتا ته منزِل قريب هئي پر فَجر جو وَقت ٿورو رهجي ويو هو، اُٺ وارن منزِل ئي تي اُٺ روڪڻ جو ارادو ڪيو پر ان وقت تائين نمازِ فَجر جو وَقت ختم ٿيڻ جو انديشو هو، سيدي

www.dawateislami.net

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اها صُورتِ حال ڏسي پنهنجي رُفقا سان گڏ اتي ترسي پيا ۽ قافِلو هليو ويو. پاڻ وٽ ڪرمِچ (يعني مخصوص ٽاٽ جو ٻڌل) ڏول هو پر رَسي موجود نہ هئي ۽ کوھ بہ اونهو هو، تنهنڪري عِمامو ٻڌي پاڻي ڪڍيو ويو ۽ وُضو ڪري وقت جي اندر نماز ادا فرمائي. پر هاڻي اهو فڪر ٿيو تہ وڏي عرصي بيمار رهڻ جي ڪري ڪمزوري گهڻي ٿي وئي آهي ايترا مِيل پيدل ڪيئن هلندس؟ مُنهن ورائي ڏٺائون تہ هڪ اجنبي جَمَّال (اُٺ وارو) پنهنجو اُٺ وٺي اِنتظار ۾ بيٺل آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حمدِ الٰهي (عَزَّوَجَلَّ) ادا ڪري ان تي سُوار ٿي ويس. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص٢١٧، ملخصاً)

مُصطفٰے کا وہ لاڈلا پیارا واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

غوثِ اعظم کی آنکھ کا تارا واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ ! هي آهي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو ذوقِ نماز ۽ شوقِ عِبادت جو مهينن جي ڏکهي بيماري، شديد ڪمزوري ضعيفي ۽ سفر جي مَشقّت جي باوجود قافِلي جو ساٿ تہ ڇڏي ڏنو پر سڀ کان افضل عبادت نماز کي ڇڏڻ پسند نہ ڪيو. اسان کي گهرجي تہ خوشي هجي يا غم هر موقعي تي نماز جي پابندي ڪريون، ۽ جنهن کي نماز پڙهڻ نٿي اچي تہ سکڻ ۾ هر گز شرم محسوس نہ ڪريو. ۽ جيڪو نماز پڙهڻ تہ ڄاڻن ٿا پر پڙهن نٿا ۽ ان طرح جي شيطاني وسوسن جو شڪار رهن ٿا تہ ”اسان تہ وڏا گنهگار ٻانها آهيون اسان الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ حاضري جي لائق ڪٿي “يا ”پهريان نيڪ ٻڻجي وڃون، ڏاڙهي رکي وٺون پوءِ نماز بہ شروع

ڪنداسين " اهڙن ماڻهن کي گهرجي ته هڪدم هن شيطاني وسوسي جي ڪاٽ ڪندي نمازپڙهڻ شروع ڪن اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان اهي گناهن کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. الله عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم سيپارو 21 سُورَةُ العَنڪبُوت جي آيت نمبر 45 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ ؕ ترجمو ڪنز الايمان :بيشڪ نماز روڪي ٿي بي حيائي ۽ بُري ڳالھ کان

صدر الافاضل حضرتِ علامہ مولانا سَيد محمد نعيم الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن آيتِ مبارڪ جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: جيڪو شخص نماز جو پابند هوندو آهي ۽ ان کي چڱي طرح ادا ڪندو آهي نتيجو هي نڪرندو آهي ته هڪ نه هڪ ڏينهن هو انهن برائين کي ترڪ ڪندو آهي جنهن ۾ مبتلا هو. حضرت اَنَس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه کان مروي آهي ته هڪ انصاري جوان سَيدِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ نماز پڙهندو هو ۽ ڪيئي ڪبيره گناهن جو ارتڪاب ڪندو هو حضور سان ان جي شڪايت ڪئي وئي، فرمايائون: ان جي نماز ڪنهن ڏينهن ان کي انهن ڳالهين کان روڪي ڇڏيندي. پوءِ جلد ئي ٿوري وقت ۾ ان توبہ ڪئي ۽ ان جو حال بهتر ٿي ويو.

## نماز جي برڪت سان چور توبہ ڪري ورتي:

نماز برائين کان بچائيندي آهي اچو! هن باري ۾ هڪ نهايت پياري حڪايت ٻڌون ٿا. منقول آهي ته هڪ چور رات جي وقت حضرتِ سيدَتُنا رابعہ

www.dawateislami.net

بصريه عدويه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها جي گھر ۾ داخل ٿيو، ان هر پاسي سڄي گھر جي تلاشي ڪئي پر هڪ ڪونئري جي علاوه ڪا شيء نه ڏٺي، جڏهن ان نڪرڻ جو ارادو ڪيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها فرمايائون: "جيڪڏهن تون چالاڪ ۽ هوشيار چور آهين ته بنا ڪي شيء ڪٽي وڃڻ جي نه ويندين."ان چيائين:"مون کي ته ڪا شيء نه ملي." پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها فرمايائين: "اي غريب شخص! ان ڪونئري مان وضو ڪري ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ ٻه رڪعت نماز ادا ڪر، هتان ڪان ڪجھ نه ڪجھ ڪٽي ويندين." ان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها جي چوڻ مطابق وضو ڪيو ۽ جڏهن نماز جي لاءِ بيٺو ته حضرت سيدَتُنا رابعه عدويه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها پنهنجون نگاهون آسمان ڏانهن ڪٽي ائين دُعا ڪئي: "اي منهنجا آقا ومولٰي عَزَّوَجَلَّ! هي شخص مون وٽ آيو پر ان کي ڪجھ نه مليو، هاڻي مون ان کي تنهنجي بارگاهه ۾ بيهاري ڇڏيو آهي، ان کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان محروم نه ڪجان." جڏهن هو نماز کان فارغ ٿيو ته ان کي عبادت جي لذت نصيب ٿي. پوءِ هو رات جي آخري حصي تائين نماز ۾ مشغول رهيو. جڏهن سحري جو وقت ٿيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها ان وٽ ويون ته ان کي سجدي جي حالت ۾ پنهنجي نفس کي دڙڪا ڏيندي ۽ هي چوندي ڏٺو: جڏهن منهنجو رب عَزَّوَجَلَّ مون کان پڇندو: "ڇا تو کي حيا نه آيو ته تون منهنجي نافرماني ڪندو رهين؟ ۽ منهنجي مخلوق کان گناهه لڪائيندو رهين ۽ هاڻي گناهن جي ڀري ڪٽي منهنجي بارگاهه ۾ پيش آهين، جڏهن هو مون کي عتاب ڪندو ۽ پنهنجي رحمت ڀري بارگاهه مان ڀري ڪندو ته ان وقت مان ڪهڙو جواب ڏيندس؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها پڇيائون:"اي ادا!

رات ڪيئن گذري ؟" چيائين: "خيريت سان گذري، عاجزي ۽ انڪساري سان مان پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ بيٺل رهيس ته ان منهنجي ٽيڏائپ کي درست ڪري ڇڏيو، منهنجو عذر قبول ڪري ورتو ۽ منهنجي گناهن کي بخشي ڇڏيو ۽ مون کي منهنجي مطلوب ۽ مقصود تائين پهچائي ڇڏيو.

(حڪايتيں ۽ نصيحتيں،ص۳۰۵)

محبت میں اپنی گما یا الٰہی نہ پاؤں اپنا پتہ یا الٰہی

رہوں مست و بے خود میں تیری ولا میں پلا جام ایسا پلا یا الٰہی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته! نماز ڪهڙي پياري عبادت آهي جو هڪ چور چوري جي ارادي سان آيو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهيءَ حضرت سيدتنا رابعه بصريه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي چوڻ تي نماز جي لاءِ بيهي رهيو ته نماز جي لذت ۽ حلاوت ۾ اهڙو گم ٿيو جو سڄي رات نماز ۾ مشغول رهيو ۽ صبح پنهنجي گناهن کان توبه ڪري سڌي واٽ تي اچي ويو، پر ڇا سبب آهي ته اسان نماز پڙهڻ جي باوجود به حَرام، گناهه ۽ ممنوعاتِ شرعي کان نٿا بچون، اسان نماز پڙهڻ جي باوجود ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪندا آهيون، اسان نماز پڙهڻ جي باوجود بي پردگي ۽ عرياني جو مظاهرو ڪندا آهيون، اسان نماز پڙهڻ جي باوجود فلمون ۽ ڊراما ڏسندا آهيون، اسان نماز پڙهڻ جي باوجود موسيقي ۽ فلمي گانا گهرن ۾ ٽيپ ريڪارڊ وغيره تي وڄائيندا ۽ ٻڌندا آهيون، اسان نماز پڙهڻ جي باوجود گار گند، غيبت، چُغلي، فُحش گوئي،

دل آزاري، ماڻهن جي حق تلفي، وياج ۽ رِشوت جي لَين دَين وغيره ڪبيره گُناهن ۾ مُلَوث رهندا آهيون. وڏي حيرت جي ڳالهه هي آهي ته نماز پڙهڻ جي باوجود اسان پنهنجو پيارو پيارو چهرو جنهن تي الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مُحبّت جي نِشاني پيدا فرمائي آهي ۽ شهنشاهِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هي فرمان شاهي بہ موجود آهي تہ"ڏاڙهي وڌايو، مڇون ڪٽايو، ۽ باهہ جي پوڄارين جي مخالفت ڪريو)." (صحيح مسلم ،ص١٢٥رقم٦٠٠،بتقدم وتاخر) پوءِ بہ اسان نِهايت بي دردي سان ان محبت جي نِشاني کي ڪٽائي گندي نالي تائين ۾ وهائي ڇڏڻ کان بہ پاسو نٿا ڪيون جڏهن تہ ڏاڙهي ڪٽائڻ ۽ هڪ مُٺ کان گهٽائڻ ٻئي حرام آهي. آخر ائين ڇو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تي سگهي ٿو تہ اسان نماز جي ظاهري ۽ باطني سُنتن ۽ آداب جو صحيح طور تي خيال نہ رکندا هجون جنهن جي ڪري اڃا تائين نماز جي برڪتن کان محروم آهيون. جيڪڏهن صحيح طور تي وضو ڪري خُشوع و خضُوع سان ان جي تمام تر ظاهري و باطني سنتن ۽ آداب کي ملحوظ رکندي نماز پڙهون ها تہ اسان تي بہ ضرور نماز جون برڪتون ظاهر ٿين ها. وڏي افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اسان جو هڪ تعداد تہ بلڪل نماز ناهي پڙهندو ۽ جيڪو نماز پڙهن ٿا انهن مان بہ ڪيئي ماڻهن کي نماز جي بنيادي مسئلن بابت بہ خبر ناهي جنهن جي ڪري نماز ۾ غلطين جي سبب پنهنجون نمازون ضائع ڪندا آهن، اچو! نماز ۾ ٿيندڙ غلطين جي باري ۾ ٻڌون ٿا.

# نماز ۾ ٿيندڙ غلطيون

1. عام طور ڪن ماڻهن جي اها عادت هوندي آهي ته اهي نماز جي حالت ۾ مسلسل کنهندا رهندا آهن. ياد رکو! نماز جي هڪ رڪن ۾ صرف ٻه ڀيرا کنهڻ جي اجازت آهي جيڪڏهن قيام ۽ رڪوع ۽ سجود وغيره کنهن ٻه رڪن ۾ ٽي ڀيرا کنهندا ته نماز فاسد ٿي ويندي.
2. اهڙي طرح ڪجهه ماڻهو تعديلِ ارڪان جو لحاظ نٿا رکن يعني جلدي جلدي رڪوع وسجود ، قومه ۽ جلسه وغيره ادا ڪن ٿا جڏهن ته هنن رڪنن ۾ گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو سُبحَانَ الله چوڻ جي مقدار ترسڻ واجب آهي ۽ ان جو ترڪ مڪروه تحريمي آهي جنهن سان نماز واجب الاعاده ٿيندي آهي يعني ٻيهر پڙهڻي پوندي آهي.
3. هڪ عمومي غلطي اها ٻه ڏٺي ويندي آهي ته ماڻهو صحيح طريقي سان سجدو نٿا ادا ڪن ۽ سجدي جي حالت ۾ يا ته پنهنجا پير زمين تان ڪٽي وٺندا آهن يا صرف آڱرين جون منڍيون زمين تي لڳائيندا آهن اهڙي طرح ڪرڻ سان نماز ناهي ٿيندي.حالانڪ پيرن جي هڪ آڱر جو پيٽ زمين تي لڳڻ فرض، ٽن آڱرين جو پيٽ لڳڻ واجب ۽ پيرن جي ڏهن آڱرين جو پيٽ لڳڻ سُنَّت آهي.
4. نماز ۾ ڪئي ويندڙ غلطين مان هڪ اها ٻه آهي ته ماڻهو عين جماعت جي وقت اچي جلدي جلدي وضو ڪندا آهن ۽ آستين هيٺ نٿا ڪن ۽ نماز جي لاءِ بيهي رهندا آهن جڏهن ته نماز ۾ آستين اڌ ڪارائي ڪان مٿي چڙهيل

هجي ته نماز مڪروه تحريمي آهي.

5. ڪي ماڻهو اڪيلي نماز پڙهڻ وقت ايتري قدر آهسته آواز ۾ قراءت ڪن ٿا جو خود انهن جي ڪنن تائين به قراءت جو آواز ناهي پهچندو ۽ بعض ته زبان کي چورڻ به پسند نٿا ڪن ۽ دل ئي دل ۾ قراءت ڪن ٿا جڏهن ته حڪم هي آهي ته ايتري آواز ۾ قراءت ڪئي وڃي ته پاڻ ٻڌي وٺي، جيڪڏهن قراءت ۾ آواز ايترو گهٽ هو جو پنهنجن ڪنن تائين به آواز نه آيو ۽ ڪا رڪاوٽ مثال طور شور و غل ۽ ڏاڍيان ٻڌڻ جو مرض به ناهي ته نماز نه ٿيندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْبِ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب "نماز جا اَحڪام" جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي به وُضُو و غُسل جي دُرُست طريقن سان گڏوگڏ نماز جا واجِبات ، مَڪروهات، مُفسِدات (نماز کي ٽوڙڻ واريون شيون) ۽ ٻيا ضروري مسئلن جي معلومات هئڻ گهرجي ته جيئن اسان جون نمازون ضائع نه ٿين، ڇوته هر عاقل و بالغ مُسَلمان تي جهڙي طرح نماز پڙهڻ فرض آهي اهڙي طرح حسبِ حال نماز جا مسئلا به سکڻ فرض آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! شيخ طريقت،اَمِيرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن مسلمانن جي خيرخواهي جي جذبي جي تحت نماز جي مسائل جي باري ۾ 342 صفحن تي مشتمل نهايت ئي آسان ڪتاب "**نماز جا احڪام**" جي نالي سان تاليف فرمائي آهي. هي ڪتاب

www.dawateislami.net

درحقيقت اَمِيرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي تحرير ڪيل ٻارنهن (12) رسائل جو مجموعو آهي جيڪو يقينًا امتِ مسلمہ جي لاءِ هڪ عظيم تحفو آهي. ان ۾ وضو ۽ غسل جي طريقي کان وٺي ڪري نماز جو طريقو، ان جا فضائل، فرائض، واجبات، سنتون، مڪروهات ۽ مفسدات تائين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه قضا نمازن جو طريقو، اذان ۽ جوابِ اذان جا ڪلمات ۽ فضائل، نمازِ سفر ۽ نمازِ عيد، نمازِ جنازه جو طريقو ۽ ان جي متعلق ضروري مسائل بہ بيان ڪيا ويا آهن. بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي هي ڪتاب هر گهر جي ضرورت آهي تنهنڪري تمام اسلامي ڀائرن کي گهرجي تہ مڪتبة المدينہ کان هي ڪتاب هديو ڏئي حاصل ڪري نہ صرف خود ان جو مطالعو ڪريو بلڪ پنهنجي گهر جي ڀين ڀائين کي بہ ان جي مطالعي جي ترغيب ڏياريو. اسلامي ڀينرن جي لاءِ اَمِيرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو ڪتاب "**اسلامي ڀينرن جي نماز**" تمام ئي زبردست ڪتاب آهي، ان کي اسلامي ڀينرن جو پڙهڻ بي حد ضروري آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْبِ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ اسان نماز جي اهميت جي باري ۾ بيان ٻڌو،

❀قرآن و احاديث ۾ نماز جي اهميت ٻڌائي ان کي پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي،❀نماز جا ڪيئي دنيوي ۽ اُخروي فائدا آهن،❀نماز بيمارين کان شفا آهي،❀نماز انسان کي برن ڪمن کان بچائي ٿي❀نماز گناهن کي مٽائيندي آهي،❀نماز سان روزي ۾ بَرَڪت ٿيندي آهي. تنهنڪري پنجئي وقت باجماعت نماز ادا ڪرڻ کي پنهنجي سچي ۽ پڪي عادت بڻائي وٺو ڇوتہ

اها ئي نماز قبر ۾ به ڪم ايندي ۽ حشر ۾ به ڪم ايندي لهذا پاڻ ڪي نماز جو عادي بڻايو، اللهعَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي پنج وقت جماعت سان پهرين صف ۾ نماز ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي اٰمِين بِجَاہ النَّبِي الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[(1)]

ان سب مبلّغوں کے خوابوں میں اب کرم ہو
آقا جو سنّتوں کی خدمت بجا رہے ہیں

## سُرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مَولانا ابُو بلال محمّد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي جي رسالي 101 مدني گل صفحي نمبر27 تان سُرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب سکون ٿا: فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ”سڀني سرمن مان بهتر سرمو ”اِثمِد“ آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو“..( ابن ماجه،۴/ ۱۱۵ ،حديث :۳۴۹۷ )

1… مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،۵۵/۱،حديث:۱۷۵

www.dawateislami.net

❀ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروھ آهي ۽ زينت جو ارادو نہ هجي تہ ڪراهت ناهي. (فتاويٰ هنديه،۵ /۳۵۹) ❀ سرمو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي. (مرآۃالمناجیح،٦/١٨٠) ❀ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻہ، (3) تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (شعب الايمان ج 5 ص 218، 219) اهڙي طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو. ❀ تڪريم جا جيترا بہ ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، ٿنهنڪري پهريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کاٻي اک ۾ پايو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

www.dawateislami.net

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو
پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو

سنتیں سیکھنے، تین دن کے لیے
ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] ...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهلک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهٔ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

1...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَاللّٰهُ تَعَالٰي عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

1 … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

2 … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net